# پاڙيسري جا حق

03/08/2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# پاڙيسري جا حق

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

اُمُّ الْمومنين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي تہ نبي رَحمت، شفيعِ اُمَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ شفاعت نشان آهي: جيڪو شخص جُمُعي جي ڏينهن مون تي دُرُود شريف پڙهندو، تہ بروزِ قيامت اُن جي شفاعت منهنجي ذمہ ڪرم تي هوندي. (ڪنز العمال، ڪتاب الاذڪار ، الباب السادس في الصلاة عليه علي آله، ١/٢٥٥، الجزء الاول،حديث:٢٢٣٦)

شافی و نافی ہو تم کافی و وافی ہو تم درد کو کر دو دوا تم پہ کروروں درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب "عيونُ الحکايات (ٻيو حصو)" جي صفحي نمبر 240 تي هڪ نهايت سبق آموز حڪايت موجود آهي، اچو! اسان بہ نهايت توجهہ سان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا، جيئن

## حاتِم طائي جي سخاوت

حضرت سيدُنا مِلحَان طائيرَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان منقول آهي، حاتِم طائي جي گهرواريءَ ان جي سَخاوت جو هڪ واقعو بيان ڪندي ٻڌايو تہ هڪ ڀيري ڏڪار سڄي ملڪ کي وڪوڙي ورتو، زمين تي بلڪل ساوڪ نہ ٿي. آسمان تان سڄي سال برسات نہ ٿي. اُٺ (Camel) سڄو سڄو ڏينهن پاڻي جي تلاش ۾ ڦرندا هئا پر انهن کي هڪ ڦُڙو پاڻي جو نہ ملندو. هر ذِي رُوح (جاندار) بُک ۽ اُڃ سبب بيتاب هو. هڪ رات سخت سردي هئي ۽ اسان جي گهر ۾ کائڻ جي لاءِ هڪ گرهہ بہ نہ هو. اسان جا ٻار، عبدالله، عَدِي، ۽ (هڪ نياڻي) سِفَّانہ بُک سبب تڙپي رهيا هئا. آخرڪار رات ڪافي دير کان پوءِ ٻہ ٻار ٿڪجي سمهي پيا. اسان انهن کي هڪ فراسي تي سمهاري ڇڏيو، پوءِ ٽئين کي ليٽائي ان کي وندرائڻ لڳاسين، نيٺ هو بہ سمهي پيو. حاتم طائي چيو: اڄ خبر ناهي مون کي ڇو ننڊ نہ پئي اچي؟ پوءِ هو هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳو. اوچتو اسان جي گهر جي ٻاهران کو کڙڪو ٻڌڻ ۾ آيو، حاتم طائي وڏي آواز سان چيو: ڪير آهي؟ پر ڪنهن جواب نہ ڏنو. مان ٻاهر ويس ۽ حالات جو جائزو وٺي واپس موٽيس ۽ حاتم طائي کي ٻڌايو: اوهان جي فُلاڻي پاڙي واري آهي، هن سخت وقت ۾ اوهان کان علاوه کو ٻيو ان کي نظر نہ آيو جنهن وٽ وڃي پناهہ وٺي. پنهنجي ٻُکايل ٻارن کي اوهان وٽ آندو آهي. اهي بُک وچان ائين تڙپي رهيا آهن جيئن ڪنهن جانور جا ٻار دانهون ڪري رهيا هجن. اهو ٻڌي حاتم طائي چيو: ان کي جلدي مون وٽ آڻ. مون چيو: اسان جا پنهنجا ٻار بُک مان مري رهيا آهن، انهن کي ڏيڻ جي لاءِ اسان وٽ ڪجهہ ناهي تہ ويچاري پاڙي واري ۽ ان جي ٻارن جي اسان ڪهڙي مدد ڪنداسين؟ حاتم طائي چيو: خاموش رهو، الله تعاليٰ ضرور توهان جو ۽ هنن سڀني جو پيٽ ڀريندو. وڃ!

www.dawateislami.net

جلدي ان ڏڪايل ماءُ کي اندر سڏي وٺ. مون ان کي سڏيو. ان غريب 2 ٻار پنهنجي هنج ۾ کنيل هئا ۽ 4 ٻار ان کي پڪڙي ان جي پويان آيا پئي. حاتم طائي انهن کي ڪمري ۾ ويهاريو ۽ پنهنجو هڪ بهترين جانور ذبح ڪري باهه ٻاري. جڏهن شُعلا بُلند ٿيڻ لڳا ته ڇُري ڪٽي ان جي ڪل لاٿي پوءِ ان عورت ڏانهن ڇُري وڌائيندي چيائين: ڪاءُ! ۽ پنهنجن ٻارن کي به کاراءِ پوءِ مون کي چيائين: توهان به کائو ۽ ٻارن کي به بيدار ڪر ته جيئن هو به پنهنجي ٻُک مٽائي سگهن. اسان جي پاڙي واري ٿورو ٿورو گوشت کائي رهي هئي ان جي جهجڪ کي محسوس ڪندي حاتم طائي چيو: ڪيتري بُري ڳالهه آهي جو تون اسان جي مهمان (Guest) آهين پوءِ به ٿورو ٿورو کائي رهي آهين. هي چئي هو اسان جي ويجهو ئي چڪر ڏيڻ لڳا . اسان سيئي کائڻ ۾ مصروف هئاسين ۽ حاتم طائي اسان ڏانهن ڏسي رهيو هو. اسان خوب پيٽ ڀري کاڌو، پر بخدا! حاتم طائي هڪ ٻوٽي به نه کاڌي، حالانڪ هو اسان سڀني کان وڌيڪ بکايل هو. صبح جو زمين تي هڏن ۽ پاون کان سوا ڪجهه به نه بچيو هو-

(عيون الحکايات،۲/۲۴۰،ملخصا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت نصيحت جا ڪيئي مدني گل پنهنجي دامن ۾ سَمائي رکيا آهن، مثال طور ٻهرين جي ماڻهن ۾ پاڙيسرين جي خير خواهي ۽ انهن جي تڪليفن جو اِحساس ڪيتري قدر هوندو هو، حاتم طائي جيڪو زمانۂ جاهليت ۾ سخاوت ۾ ڪافي مشهور سمجهيو ويندو هو، خاص ڪري پنهنجي پاڙيسرين (Neighbours) تي گهڻو وڌيڪ مهربان، انهن جو سچو خيرخواهه ۽ حاجت مند پاڙيسرين جو سهارو هو، ان جي پاڙي ۾ ڪو تڪليف ۾ مبُتلا ٿيندو هو ته ان جي راتين جي ننڊ اُڏي ويندي هئي ۽ مٿس بي چيني ڇانئجي ويندي هئي. هن حڪايت مان معلوم ٿيو ته پاڙيسرين سان

www.dawateislami.net

حُسنِ سلوڪ سان پيش اچڻ، قديم زماني کان ئي ماڻهن جي وچ ۾ رائج هو، پوءِ جڏهن اسلام جو سج اُڀريو تہ هن عالمگير مذهب ۽ انسانن جي حقن جي سڀ کان وڏي عَلمبَردار دِين پاڙيسرين جي حقن جي اهميت کي وڌيڪ چار چندِ لڳائي ڇڏيا، جيئن اسلام جي خاطر فدا ٿيڻ وارن، خدا تعاليٰ جي احڪامن اڳيان مٿو جهڪائڻ وارن ۽ مُصطَفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شيدائين پنهنجي اَقوال ۽ ڪردار سان پاڙيسرين جي حقن جي اَدائيگي ۽ انهن سان سهڻو سُلُوڪ ڪرڻ بابت اهي عظيم مثال قائم ڪري ڏيکاريا جنهن جو مثال تاريخ عالَم ۾ ملڻ مشڪل آهي.

اچو! ترغيب لاءِ پاڙيسري سان حُسنِ سُلُوڪ تي مشتمل هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا ۽ نصيحت جا مدني گل حاصل ڪيون ٿا، جيئن

## هڪ پاڙيسري جي توبہ

حضرت سَيدُنا عبدُالله بن رجاء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ ڪوفي ۾ امامِ اعظم ابُو حَنيفہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پاڙي ۾ هڪ موچي(Cobbler) رهندو هو جيڪو سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪندو هو ۽ رات جو دير سان گهر ۾ مڇي يا (ڪنهن ٻي جانور جو) گوشت آڻي ان کي ڀڇي ڪائيندو هو. ان کان پوءِ شراب پيئندو هو، جڏهن شراب جي نشي ۾ بدمست ٿي ويندو هو تہ خوب گوڙ شور ڪندو هو. اهڙي طرح رات دير تائين سلسلو رهندو هو ايستائين جو ان کي ننڊ وني وڃي. ڪروڙين حنفين جي عظيم پيشوا حضرت سَيدُنا امامِ اعظم ابُوحنيفہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ان هُل هنگامي سان بيحد تڪليف ٿيندي هئي، پر پاڻ سڄي رات نماز ۾ مشغول رهندا هئا. هڪ رات ان پاڙيسري موچي جو آواز نہ ٻڌو. صبح جو ان جي باري ۾ پڇا ڪرڻ تي خبر پئي تہ ڪلهہ رات ان کي

www.dawateislami.net

سپاهين پڪڙي ورتو آهي ۽ هو قيد ۾ آهي. امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فجر نماز ادا ڪئي ۽ پنهنجي سواري تي سوار ٿي خليفي (Caliph) وٽ پهتا ۽ پنهنجي اچڻ جي خليفي کي اطلاع موڪلي. خليفي حڪم ڏنو، سندن سواري جي لغام وٺي نهايت ئي احترام سان فرشِ شاهي تائين وٺي اچو ۽ سندن کي سواري تان نہ لهڻ ڏنو وڃي، سپاهين ائين ئي ڪيو. خليفي معلوم ڪيو: ڇا حڪم آهي؟ پاڻ فرمايائون: منهنجو هڪ پاڙيسري موچي آهي جنهن کي ڪلهہ رات سپاهين پڪڙي ورتو آهي ان جي آزادي جو حُڪم فرمايو. خَلِيفي فرمان جاري ڪيو تہ ان موچي (Cobbler) کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي ۽ هر ان قَيدِي کي بہ آزاد ڪيو، جيڪو اڄ جي ڏينهن پڪڙيو ويو آهي، پوءِ سيني کي آزاد ڪيو ويو.

پوءِ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سواري تي سوار ٿي موٽي آيا. هو پاڙيسري سندن پويان پويان هلڻ لڳو تہ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پڇا ڪئي: اي نوجوان! ڇا اسان توهان کي ڪا تڪليف ڏني؟ ان عرض ڪيو: نہ بلڪ اوهان تہ منهنجي مدد فرمائي ۽ منهنجي سفارش فرمائي، اللّٰه تعاليٰ اوهان کي هن جي بهتر جزا عطا فرمائي تہ پاڻ پاڙيسري جي حرمت ۽ حق جي رعايت فرمائي. ان کان پوءِ ان شخص توبہ ڪئي ۽ گناهن کي ڇڏي ڏنو.

(مناقب الامام الاعظم، ص ۲۲۴،۲۲۵، ملخصاً)

خیر خواہ ہم بھی پڑوسی کے بنیں یہ کرم یا مصطفٰے فرمایئے
نعمتِ اَخلاق کر دیجئے عطا یہ کرم یا مصطفٰے فرمایئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ اسان جي امامِ اعظم ابُو حَنيفہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

www.dawateislami.net

پنهنجي پاڙيسرين سان کهڙي حُسنِ سُلوڪ جو رويو ڪندا هئا، باوجود هي جو سندن پاڙيسري شراب جي نشي ۾ بدمست ٿي رات دير تائين اوهان کي اَذِيت ڏئي سندن عبادت ۾ رنڊڪ جو سبب بڻجندو هو، پر قُربان وڃجي جو وقت جا ايترا وڏا امام ٿي به پاڻ پنهنجي پاڙيسري جي هن تڪليف واري حرڪت تي ان کي پتر جو جواب پٿر سان ڏيڻ يا ڪنهن به طرح جي بدسُلُوڪي ڪرڻ بدران صبر جو مُظاهرو ڪيو ۽ مسلسل دَرگُذر ڪندا رهيا، ايستائين جو جڏهن ان پاڙيسري کي ڪنهن جُرم ۾ گرفتار ڪيو ويو ته پاڻ وٽ هي موقعو هو ته ان جي خلاف مُقدّمو ڪن ها يا خليفي سان ان جي شڪايت ڪري ان کي سزا ڏيارين ها پر پاڻ ائين ڪجهه به نه ڪيو بلڪ پاڙي جي حقِ جي رعايت ڪندي وقت جي خَليفي وٽ وڃي ان جي جائز سفارش ڪري ان کي قيد مان آزاد ڪرايو. سندن هن حُسنِ اخلاق جو ان جي دل تي اهڙو اثر ٿيو جو ان پنهنجي اڳوڻن سمورن گُناهن کان سچي توبه ڪئي ۽ هميشه جي لاءِ گُناهه ڪرڻ ڇڏي ڏنائين.

ہے دھوم چاروں طرف سَخا کی — بھری ہے جھولی ہر ایک گدا کی
عطا ہو مجھ کو بھی طیبہ کا غم — اِمامِ اعظم ابُو حنیفہ

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص 573)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مُنا مُنا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته پاڙيسري جي طرفان جيڪڏهن ڪا تڪليف پهچي ته اسان کي جذبات ۾ اچي ان سان جهيڙو جهٽو ڪرڻ، ان جي خلاف سخت ڪاروائي ڪرڻ يا ان کي ڪنهن طرح جو نُقصان پهچائڻ جي بدران صبر جو مُظاهرو ڪرڻ گهرجي، ڇوته پاڙيسري جي تڪليفن تي صبر

www.dawateislami.net

ڪرڻ جي برڪت سان انسان الله عَزَّ وَجَلَّ جو محبوب بڻجي ويندو آهي - جيئن

مَحبوبِ رَبُّ العزّت، مُحسنِ انسانيت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جن ماڻهن سان الله عَزَّوَجَلَّ محبت فرمائي ٿو ان ۾ اهو شخص بہ شامل آهي، جنهن جو بُرو پاڙيسري ان کي ايذاء ڏئي تہ هو ان جي اِيذاءَ تي صبر ڪري ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي زندگي يا موت جي ذريعي ڪفايت فرمائي.

(معجم ڪبير،۱۵۲/۲ ،حديث:۱۶۳۷)

## پاڙي جو حقّ ڇا آهي؟

حُجَّةُالْاِسْلَام حضرت سَيدُنا امام محمدغزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ياد رکو! پاڙي جو حَق صرف هي ناهي تہ پاڙيسري کي تڪليف پهچائڻ کان پاسو ڪيو وڃي، بلڪ پاڙيسري جي طرفان پهچڻ واري تڪليفن کي برداشت(Tolerate) ڪرڻ بہ پاڙي جي حقن ۾ شامل آهي. ڇاڪاڻ تہ ائين بہ ٿيندو آهي تہ هڪ شخص پنهنجي پاڙيسري کي تڪليف ناهي پهچائيندو ۽ هو ان جي بدلي ان کي تڪليف ناهي ڏيندو، حالانڪ اهڙي طرح پاڙي جو حق ادا ناهي ٿيندو، تنهنڪري صرف تڪليفن کي برداشت ڪرڻ تي ئي اِڪتفا نہ ڪري بلڪ ضروري آهي تہ ان سان نَرمي ۽ سني طريقي سان پيش اچي.

(احياء العلوم، ڪتاب اداب الالفة ---الخ ،۲۶۷/۲)

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي پاڙيسرين سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچون جيڪڏهن هو ڪنهن آزمائش ۾ مبُتلا هجي مثال طور ان جو ٻار گم ٿي وڃي، انهن ۾ فوتگي يا ڌاڙو لڳي، مڪان يا ڇت ڪري پوي ، باھ لڳي وڃي ياٻالائٽ، پاڻي، بيماري، روزگار، گهريلو ناچاڪين يا ڪوڙن مُقدّمن جهڙن مسئلن ۾ ڦاٿل هجي تہ اسان کي هڪدم پنهنجي طاقت

www.dawateislami.net

جي مطابق ان جي حاجت روائي ڪندي ان ڪي مسئلن جي دلدل مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، چوته پاڙيسرين سان سنو سُلوڪ ڪرڻ اهڙو بهترين عمل آهي جو جنهن جي تعليم خود اسان جو ربّ ڪريم عَزَّ وَجَلَّ اسان کي ارشاد فرمائي رهيو آهي- جيئن سيپاري 5 سُورَه نِسَآء جي آيت نمبر 36 ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

وَاعۡبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشۡرِكُوۡا بِهٖ شَيۡـًٔا وَّ بِالۡوَالِدَيۡنِ اِحۡسَانًا وَّ بِذِى الۡقُرۡبٰى وَ الۡيَتٰمٰى وَ الۡمَسٰكِيۡنِ وَ الۡجَارِ ذِى الۡقُرۡبٰى وَ الۡجَارِ الۡجُنُبِ وَ الصَّاحِبِ بِالۡجَنۡۢبِ وَ ابۡنِ السَّبِيۡلِ ۙ وَ مَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُكُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنۡ كَانَ مُخۡتَالًا فَخُوۡرَا ۙ ﴿۳۶﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ اللّٰه جي عبادت ڪريو ۽ ڪنهن کي به اُن جو شريڪ نه ٺاهيو، ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائِي ڪريو، ۽ مائٽن ۽ يتيمن ۽ مُحتاجن ۽ ويجهي پاڙي وارن ۽ پري جي پاڙي وارن ۽ پاسي جي ساٿِي ۽ مُسافر ۽ پنهنجِي ٻانهِي ۽ غلام سان بيشڪ اللّٰه کي چڱو نٿو لڳي ڪوئِي به پاڻ ڀائِيندڙ ۽ وڏائِي ڪندڙ.

هن آيت سڳوري جي تحت تفسيراتِ احمديه ۾ آهي ته قريب جي پاڙيسري مان مراد اهو آهي جنهن جو گهر پنهنجي گهر سان مليل هجي ۽ پري جي پاڙيسري مان مراد هو آهي جيڪو محله دار ته هجي پر ان جو گهر پنهنجي گهر سان مليل نه هجي يا جيڪو پاڙيسري به هجي ۽ رشتيدار به اهو قريب جو پاڙيسري آهي ۽ هو جيڪو صرف پاڙيسري هجي، رشتيدار نه هجي هو پري جو پاڙيسري يا جيڪو پاڙيسري به هجي ۽ مسلمان به ا هو قريب جو پاڙيسري ۽ اهو جيڪو صرف پاڙيسري هجي مسلمان نه هجي هو پري جو پاڙيسري آهي.

(تفسيرات احمديه، النساء، تحت الآية: ۳۶، ص۲۷۵)

www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اسلام ڪيترو پيارو مذهب آهي جيڪو نه صرف اسان کي والدين ۽ رشتيدارن سان ڀلائي جو درس ڏئي ٿو بلڪ هي به سيکاري ٿو ته اسان کي پنهنجي قريبي ۽ پري جي پاڙيسرين سان ڪهڙي نموني جو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي- اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم جي علاوه احاديثِ مُبارڪ ۾ به ڪثرت سان پاڙيسرين جي اهميت، انهن سان چڱو سُلُوڪ ڪرڻ ۽ انهن جي حقن جي بجا آوري جو ذِهن ڏنو ويو آهي- اچو! هن باري ۾ هڪ نهايت ئي پياري حديث پاڪ ٻڌون ٿا ۽ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گلن کي پنهنجي دل جي مدني گُلدستي ۾ سجائڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا،

نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: توهان کي معلوم آهي ته پاڙيسري جو حق ڇا آهي؟ (پوءِ پاڻ ئي ارشاد فرمايائون:) ته جڏهن هو توهان کان مدد گهري، مدد ڪريو ۽ جڏهن قرض گهري قرض ڏيو ۽ جڏهن مُحتاج ٿئي ته ان کي ڏيو ۽ جڏهن بيمار ٿئي عيادت ڪريو ۽ جڏهن ان کي خير پهچي ته مبارڪ باد ڏيو ۽ جڏهن مُصيبت پهچي ته تعزيت ڪريو ۽ مري وڃي ته جنازي سان گڏ وڃو ۽ بغير اجازت پنهنجي عمارت بُلند نه ڪريو جو ان جي هوا روڪي ڇڏيو ۽ پنهنجي ديڳڙي سان ان کي نه ايذايو، پر ان مان ڪجهه ان کي به ڏيو ۽ ميوا خريد ڪيو ته انهن کي به هديو ڪريو ۽ جيڪڏهن هديو نه ڪرڻو هجي ته لڪائي گهر آڻيو ۽ توهان جا ٻار ان کي ڪٺي ٻاهر نه نڪرن جو پاڙيسري جي ٻارن کي رنج ٿيندو. توهان کي معلوم آهي ته پاڙيسري جو ڪهڙو حق آهي؟ قسم آهي ان جو جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! مڪمل طور تي پاڙيسري جو حق ادا ڪرڻ وارا گهٽ آهن، اهي ئي آهن جن تي الله عَزَّوَجَلَّ جي مهرباني آهي. حضور(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) پاڙيسرين جي باري ۾ مسلسل وَصيّت ڪندا رهيا ايستائين جو ماڻهن گُمان ڪيو ته پاڙيسري کي وارث ڪري ڇڏيندا. پوءِ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جن

www.dawateislami.net

فرمايو: پاڙيسري 3 قسم جا آهن، بعض جا 3 حق آهن، بعض جا 2 ۽ بعض جو هڪ حق آهي. جيڪو پاڙيسري مسلمان هجي ۽ رشتيدار هجي، ان جا 3 حق آهن. حقِ جوار (يعني پاڙي جو حق) ۽ حقِ اسلام ۽ حقِ قَرابت. مسلمان پاڙيسري جا 2 حق آهن، حقِ جوار ۽ حقِ اسلام ۽ غير مسلم پاڙيسري جو صرف هڪ حقِ جوار آهي. (شعب الايمان، باب في اكرام الجار،حديث:٧،٩٥٦٠/٨٣ - ٨٤)

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثِ پاڪ مان هر عقلمند شخص چڱي طرح هي اندازو لڳائي سگهي ٿو ته پاڙيسرين جي حقن جي بجا آوري، انهن جي خبر گيري ۽ حاجت روائي ڪرڻ، انهن جي دِلجوئي ڪرڻ، انهن سان سٺو ورتاؤ ڪرڻ، انهن کي خوش رکڻ ۽ انهن کي تڪليف (Trouble) نه پهچائڻ جي حوالي سان اسلامي تعليمات ڪيتري شاندار آهي جو جيڪڏهن اڄ مسلمان صحيح معنيٰ ۾ هنن حسين تعليمات کي پنهنجي زندگي جو حصو بڻائن ۽ انهن جي مطابق عمل پيرا ٿين ته اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان جي معاشري ۾ حقيقي معنيٰ ۾ مدني انقلاب برپا ٿي وڃي ۽ مُعاشرو امن جو گهوارو بڻجي وڃي، پر افسوس! ته جيئن جيئن اسان زمانہ نَبوِي کان پري ٿيندا پيا وڃون ۽ ٻين مُعاملن سان گڏوگڏ هاڻي پاڙيسرين جي حقن جي ادائيگي جي مُعاملي ۾ به پستي جي اونهي کائي ۾ ڪرندا پيا وڃون، هڪ ئي گهٽي، محلي ۾ سالن جا سال گُذري وڃڻ جي باوُجُود پنهنجي پاڙيسري جي سڃاڻپ، ان جي موجودگي ۽ پاڙي جي حقّ کان غَفلت جو هي عالَم هوندو آهي جو جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي ڪنهن عزيز سان ملڻ اچي ۽ اسان کان انهيءَ گهٽي يا محلي ۾ رهندڙ پنهنجي ڪنهن عزيز جو پتو معلوم ڪري ته اسان پريشان ٿي ويندا آهيون- ڇاڪاڻ ته اسان کي بلڪل خبر ناهي هوندي ته اسان جي پاڙي ۾ ڪير رهي ٿو، ان جو نالو ڇا آهي، ڪم ڪهڙو ڪري ٿو،

www.dawateislami.net

اسان تہ بس پنهنجي مستي ۾ اهڙا مست رهڻ وارا آهيون جو پاڙي ۾ ميت ٿي وڃي، ڪو بيمار هجي يا ڪنهن پريشاني جو شڪار ٿئي تہ اسان کي تعزيت ۽ عيادت ڪرڻ يا ان کي دِلاسو ڏيڻ جي بہ توفيق نصيب ناهي ٿيندي-

ها! مالدارن، سيٺن، افسرن، وزيرن، صاحبِ مَنصَب ماڻهن، خاص دوستن، برادري وارن يا اهڙا پاڙيسري جنهن کان اسان کي پنهنجو ڪم ڪڍڻو هجي تہ ان وٽ اسان خُوشي غمي جي موقعن تي اڳتي پوئتي ٿيندي نظر ايندا آهيون يا انهن کي پاڻ وٽ ٿيندڙ تقريبن (Functions) ۾ گهرائيندا آهيون، پر غريب پاڙيسرين جي خير خواهي ڪرڻ يا انهن سان تعلُّق قائم رکڻ اسان پنهنجي شان جي خلاف سمجهندا آهيون. بعض نادان تہ ايتري قدر بي حِس هوندا آهن جو گهر جي اندر موجود بُک ۽ اُڃ، بيماري يا آزمائش ۾ مبُتلا ياءُ، پينرن ايستائين جو والدين تائين جي خبر گيري نٿا ڪن تہ اندازو لڳايو تہ هو گهر جي ٻاهران پاڙيسرين جو ڪهڙو خيال رکندا ۽ ڇا انهن جا حق ادا ڪندا. پاڙيسرين جي حقن جي اَهميت جو اندازو هن ڳالھ مان لڳايو تہ ڪيئي بُزرگن نہ صرف پاڻ پاڙيسرين جا حق ادا ڪيا، بلڪ ٻين ماڻهن کي بہ ان جي ترغيب ڏياري آهي. جيئن

## پاڙيسرين جا عام حق

حُجَّةُ الْاِسلام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه پاڙيسرين جا حق بيان ڪندي فرمائن ٿا: پاڙيسرين سان سلام ۾ اڳرائي ڪري ◈ انهن سان ڊگهي گفتگو نہ ڪري، ◈ انهن جي حالات جي باري ۾ گهڻا سوال نہ ڪري، ◈ جڏهن اهي بيمار هجن تہ انهن جي عيادت ڪري ◈ مُصيبت جي وقت انهن جي غم خواري ڪري، ◈مُشڪل وقت ۾ انهن جو ساٿ ڏي، ◈ خوشي

www.dawateislami.net

۾ انهن کي مبارڪ باد ڏي، ◈ انهن جي خوشي ۾ شرڪت ڪري،❀...انهن جي ڪوتاهين کي مُعاف ڪري، ◈ پنهنجي گهر جي ڇت تان انهن جي گهر ۾ جهاتي نه پائي، ◈انهن جي ديوار تي ڇهتير يا ڳاردر رکي، انهن جي طرف نيساري مان پاڻي ڪيرائي ۽ انهن جي صحن ۾ مٽي وغيره وجهي انهن کي تڪليف نه پهچائي، ◈ انهن جي گهر جي رستي کي سوڙهو نه ڪري، ◈ جيڪو ڪجهه هو پنهنجي گهر وٺي وڃي ان تي نظر نه رکي، ◈ جيڪڏهن انهن جا عيب ان تي ظاهر ٿين ته انهن کي لڪائي، ◈ جيڪڏهن انهن کي ڪو حادثو پيش اچي ته هڪدم انهن جي مدد ڪري، ◈ پاڙيسرين جي غير موجودگي ۾ انهن جي گهر جي حفاظت (Safety) ڪرڻ ۾ غفلت جو مُظاهرو نه ڪري، ◈ انهن جي خلاف ڪا ڳالهه نه ٻُڌي، ◈ انهن جي (عورتن) جي اڳيان نگاهون هيٺ رکي، ◈ انهن جي اولاد سان نرمي سان گفتگو ڪري، ◈ دِين ۽ دنيا جي جنهن مُعاملي ۾ انهن کي رهنمائي جي ضرورت هجي ته ان ۾ انهن جي رهنمائي ڪري. (احياء العلوم،۲/۷۷۲)

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان جي اَسلافِ ڪرام کي رب تعاليٰ جتي ٻين گهڻين عُمده خوبين سان نوازيو هو اتي هي عظيمُ الشّان وصف به انهن جي مُبارڪ طبيعتن ۾ پختو هو ته هي حضرات پاڙيسرين جي مُعاملي ۾ نهايت مُحتاط هئا، پاڙيسرين کي اسلام ۾ ڪهڙو مقام ۽ رتبو حاصل آهي،انهن جا ڪهڙا حق آهن؟ انهن طرفان ملندڙ تڪليفن جي جواب ۾ انهن سان ڪهڙو سُلُوڪ ڪرڻ گهرجي هي حضرات انهن تمام شين کي ٻين جي مُقابلي ۾ بهتر طور تي سمجهندا هئا، اسان ته پاڙيسرين جو بُرو چاهڻ وارا ۽ پٿر جو جواب پٿر سان ڏيڻ جا قائل آهيون، جڏهن ته هي الله وارا سڄي زندگي حُقُوقُ الله ۽ حُقُوقُ العِباد جي رعايت ڪرڻ بالخصوص پاڙيسرين جي حقن جي بجا

www.dawateislami.net

آوري، انهن جي خير خواهي، انهن سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ جو عملي مُظاهرو ڪندا هئا، اچو ترغيب طور ان باري ۾ بُزرگانِ دين جون ڪجھ ايمان افروز حڪايتون ٻڌي ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گلن تي عمل جي نيت ڪيون ٿا،

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو!

حضرت سيدُنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪِرائي تي هڪ گهر ورتو، ان گهر سان گڏوگڏ هڪ يهودي جو گهر هو. اهو يهودي بغض ۽ دشمنيءَ جي بنياد تي نيساري جي ذريعي گندو پاڻي ۽ گندگي اوهان جي گهر مبارڪ ۾ اڇلائيندو هو، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خاموش ٿي رهندا هئا. آخرڪار ان هڪ ڏينهن پاڻ اچي عرض ڪيو: سائين! منهنجي نيساري مان ڪرڻ واري گندگيءَ مان توهان کي ڪا شڪايت تہ ناهي؟ پاڻ وڏي نرمي (Softness) سان فرمايو: ”نيساري مان جيڪا گندگي ڪِرندي آهي ان کي ٻُهاري سان صاف ڪري ڇڏيندو آهيان.“ ان چيو: توهان کي ايتري تڪليف هجڻ جي باوجود غصو چو نٿو اچي؟ فرمايائون: ايندو تہ آهي پر پي ويندو آهيان، چو تہ (سيپاري 4 سورهءِ آل عمران جي آيت نمبر 134 ۾) خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي:

| | |
|---|---|
| وَ الْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَ الْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾ | ترجموڪنزالايمان: ۽ غصو پيئڻ وارا ۽ ماڻهن کان درگذر ڪرڻ وارا ۽ نيڪ ماڻهو الله جا محبوب آهن- |

جواب ٻُڌي ڪري اهو غير مسلم مسلمان ٿي ويو. (تذكرةُ الاولياء ،ص۵۱)

اَخلاق ہوں اچھے مِرا کِردار ہو سُتھرا محبوب کا صدقہ تُو مجھے نیک بنا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## سچو گهراڻو مسلمان ٿي ويو

حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو هڪ غيرمسلم پاڙيسري سفر تي ويو، ان جا ٻار ٻچا گهر رهجي ويا، رات جو ان جو ٻار روئندو هو، پاڻ (ان جي زال کان) پڇيو ته ننڍڙو ڇو ٿو روئي؟ هن چيائين گهر ۾ چراغ (Lamp) ناهي، ٻار اونداهي ۾ گهٻرائي ٿو. ان ڏينهن کان پاڻ روزانو چراغ ۾ خوب تيل پري روشن ڪري ۽ ان جي گهر موڪليندا هئا، جڏهن هو غير مسلم سفر تان واپس موٽيو ته ان جي گهرواريءَ هي واقعو ٻڌايو، هن غير مسلم چيو ته جنهن گهر ۾ بايزيد جو چراغ اچي ويو، اتي اونداهي ڇو؟ هو سيئي مسلمان ٿي ويا. (مرآة المناجيح،٥٧٣/٦،ملخصاً)

## سهل تستري جو پاڙيسري سان حسنِ سلوڪ

حضرت سَيدُنا سهل تُستري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو هڪ پاڙيسري جيڪو غير مسلم هو،ان جي گهر جي بيتُ الخلا (Bathroom) مان هڪ سوراخ حضرت سَيدُنا سهل تُستريرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي گهر ڏانهن نڪري پيو، جنهن مان نجاست ڪرندي هئي، پاڻ رات جو سڄي ڏينهن ۾ ڪرڻ واري گندگي هڪ ڪنڊ ۾ جمع ڪندا هئا جڏهن پاڻ بيمار ٿيا ته پاڻ ان کي سڏي ان کي سڄوواقعو ٻڌايو ۽ معذرت پري انداز ۾ چيائين: مون کي ڊپ آهي ته (منهنجي وفات کان بعد منهنجا وارث هن ڳالهه کي برداشت نه ڪري سگهندا ۽ توهان سان وڙهي پوندا. ان کي ايتري وڏي تڪليف تي صبر ڪرڻ تي گهڻو تعجب ٿيو، ان عرض ڪيو: اوهان ايتري عرصي سان مون سان اهڙو مُعاملو يعني برداشت ڪندا رهيو ۽ مان آهيان جو اجا تائين ڪفر تي قائم آهيان اوهان هٿ وڌايو ته جيئن مان مسلمان ٿي وڃان. پاڻ بزرگ هٿ وڌايو ۽ هو (غير مسلم انهيءَ وقت ڪلمو پڙهي) مسلمان ٿي ويو، ان کان پوءِ بزرگ صاحب جو به وصال ٿي ويو.

(ڪتاب الڪبائر،ص٢٤١، ملخصا)

www.dawateislami.net

## 40 گهرن تي خرچ ڪندا هئا

حضرتِ سيدُنا عبدالله بن ابي بڪر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي پاڙي جي گهرن مان ساڄي کاٻي ۽ اڳيان پويان جي 40،40 گهرن جي ماڻهن تي خرچ ڪندا هئا، عيد جي موقعي تي انهن کي قرباني جو گوشت (Meat) ۽ ڪپڙا موڪليندا هئا ۽ هر عيد تي 100 غلام آزاد ڪندا هئا. (المستطرف، ۲۷۶/۱)

## خواجهِ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ۽ پاڙيسرين جا حق

حضرت سَيدُنا خواجهِ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي پاڙيسرين جو گهڻو خيال رکندا هئا، انهن جي خبر گيري ڪندا هئا، جيڪڏهن ڪنهن پاڙيسري جو انتقال ٿي ويندو هو ته ان جي جنازي سان گڏ ضرور ويندا هئا، ان جي تدفين کان بعد جڏهن ماڻهو واپس موٽندا هئا ته پاڻ تنها ان جي قبر وٽ تشريف فرما ٿي ان جي لاءِ مغفرت ۽ نجات جي دُعا ڪندا هئا ۽ ان جي گهروارن کي صبر جي تلقين ڪندا هئا ۽ انهن کي تسلّي ڏيندا هئا. (معين الارواح ،ص ۱۸۸،بتغير)

منا منا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته پاڙيسرين جي حقن جي مُعاملي ۾ اسان جي بُزرگانِ دِين جو انداز ڪيتري قدر شاندار هو جو جنهن جي حُسنِ سُلُوڪ جون برڪتون نه صرف مسلمان پاڙيسرين کي ميسر هيون، بلڪ غير مسلم (Non muslim) پاڙيسري به انهن جي حُسنِ سُلُوڪ سان گهڻو مُتاثر هئا، باوجود هن جي جو انهن جو پاڙيسري انهن کي اذيت ڏيڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي پر هي حضرات صبر ۽ رِضا جا پيڪر بڻجي پاڙيسري طرفان پهچڻ واري اَذِيتن کي برداشت ڪندا هئا، انهن کي عيد جي خُوشين ۾ پاڻ سان گڏ شريڪ ڪندا هئا ايستائين جو پاڙيسري جي انتقال کان بعد ان جي جنازي ۾ ويندا هئا، ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا هئا ۽ ان جي گهر وارن کي صبر جي تلقين ڪندا هئا ۽ اهو ئي اسلامي تعليمات جي تقاضا آهي- افسوس! صد

www.dawateislami.net

افسوس! اڄ هر شخص پنهنجن حقن جي لاءِ تہ آواز بلند ڪري ٿو پر پنهنجي پاڙيسرين جي حقن جي بلڪل پرواهہ ناهي ڪندو، اسان پاڻ تہ ڪثير نعمتن مان فيضياب ٿيندا آهيون ۽ لذيذ غذائن تي هٿ صاف ڪندا آهيون، پر اسان جا پاڙيسري ڪهڙن حالتن مان گذري رهيا آهن، اسان کي ان جي ڪا پرواهہ ناهي، جيڪڏهن اسان جو ڪو ضرورت مند پاڙيسري اسان کان ڪنهن شيء جو ئي سوال ڪري ويهي تہ ان جي حاجت روائي تي قدرت جي باوجود بہ اسان ڪنجوسي جو مظاهرو ڪندا آهيون، ڪڏهن ڪڏهن تہ انتهائي ناپسنديده سلوڪ سان پيش ايندا آهيون، اهڙي طرح بعض نادانن جو هي حال آهي تہ هو پنهنجو ڪچرو مثال طور ميون يا سبزين جون کلون، قرباني جي جانور جو رت، ان جي پيچ يا ڇيچڙا وغيره اڇلائڻ، گندو پاڻي ڇڏڻ، بِلا اجازت ان جي گهر ۾ جهاتيون پائڻ، شادي يا ٻين تقريبن تي گانا (Songs) هلائڻ، فائرنگ يا آتش بازي ڪرڻ، ان جي گهر يا دُڪان اڳيان بِلا وجهہ رُڪاوٽ لڳائڻ، ان جي گهر جي گهنٽي وڄائڻ، ان جي ٻارن کي ڌمڪائڻ ، مارڻ، ان جي ذات يا ان سان مُتعلّق شين مثال طور قرباني جي جانور، مڪان، دڪان يا گاڏي وغيره مان عيبَ ڪڍڻ، ان جي ديوارن کي پان گٽڪي جي ٽڪن سان خراب ڪرڻ وغيره معاملن جي ذريعي پنهنجي پاڙيسري کي ستائي ۽ ان جو سُک چين برباد ڪري پنهنجي قبر ۽ آخرت کي داءَ تي لڳائيندا آهيون- اهڙن کي گهرجي تہ هو پاڙيسرين جا حق پامال ڪرڻ ۽ انهن کي ستائڻ کان ڊڄن، ڇاڪاڻ تہ پاڙيسرين کي ستائڻ جي سبب جيڪڏهن الله عَزَّ وَجَلَّ ناراض ٿي ويو، ان جا حبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ رُسي ويا، تہ ياد رکو! نماز، روزي ۽ صدقي ۽ خيرات جي ڪثرت بہ جهنّم جي عذاب کان نہ بچائي سگهندي-

اچو! پاڙيسرين سان بدسُلُوڪي جي وعيدن تي مشتمل 4 فرمانِ مُصطَفٰي

ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو،

نبي ڪريمﷺ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ڪيئي پاڙيسري قيامت جي ڏينهن پنهنجن پاڙيسرين جو دامن پڪڙيندا، مظلوم پاڙيسري عرض ڪندو: يا رب عَزَّ وَجَلَّ! ان کا پڇا ڪريو تہ ان مون تي پنهنجو دروازو بند ڪري رکيو هو ۽ پنهنجي ضرورت کان زائد شيون مون کان روڪيون هيون.

(كنز العمال،كتاب الصحبة، باب الرابع في حقوق ...الخ، ٢٣/٥،جزء٩ ،حديث: ٢٤٨٩٤)

هڪ شخص عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! فُلاڻي عورت جو تذڪرو ان جي نماز صدقو ۽ روزن جي ڪثرت جي ڪري ڪيو ويندو آهي، پر هوء پنهنجي زبان سان پاڙيسرين کي تڪليف ڏيندي آهي. تہ رسولِ بي مثال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اها جهنمي آهي. ان بيهر عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! فُلاڻي عورت نماز ۽ روزي جي ڪمي ۽ پنير جا ٽڪرا صدقو ڪرڻ جي ڪري سڃاتي ويندي آهي ۽ پنهنجي پاڙيسرين کي اِيذائيندي ناهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اها جنّتي آهي. (مسند احمد،٤٤١/٣،رقم ٩٦٨١)

بارگاه رسالت ۾ هڪ شخص عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون فُلاڻي قبيلي جي پاڙي ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي پر ان مان جيڪو مون کي سڀ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندو آهي هو منهنجو سڀ کان زياده قريبي پاڙيسري آهي. تہ سرڪارِ والا تَبار، بيڪسن جي مددگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرت سَيدُنا ابو بڪر صديق ۽ حضرت سَيدُنا عمر فاروق ۽ حضرت سَيدُنا علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي موڪليو تہ اهي مسجد جي دروازي تي بيهي زور زور سان اهو اعلان ڪرڻ لڳن تہ بيشڪ 40 گهر پاڙي ۾ داخل آهن ۽ جنهن جي شر سان ان جو پاڙيسري خوفزده هجي اهو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو.

( معجم كبير ، ١٩ /٧٣ ،حديث: ١٤٣)

www.dawateislami.net

هڪ بي حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن پنهنجي پاڙيسري کي اِيذاء ڏنو بيشڪ ان مون کي ايذاء ڏنو ۽ جنهن مون کي ايذاء ڏنو ان الله عَزَّوَجَلَّ کي ايذا ڏنو، جنهن پنهنجي پاڙيسري سان جهيڙو ڪيو ان مون سان جهيڙو ڪيو ۽ جنهن مون سان جهيڙو ڪيو بيشڪ ان الله عَزَّوَجَلَّ سان لڙائي ڪئي.

(كنز العمال ،كتاب الصحبة، ۵ /۲۵ ،جزء۹،حديث: ۲۴۹۲۲)

## "مدرسة المدينہ بالغان"

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ پاڙيسرين کي ستائڻ ڪيتري قدر تباه ڪن آهي جو پاڙيسرين کي تڪليف ڏيڻ جي ڪري انسان جنت کان محروم(Deprived ) ٿي جهنّم جو حقدار قرار ڏنو ويندو آهي، اهڙو شخص الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اِيذاء ڏيندو ۽ انهن جي ناراضي وٺندو آهي- تنهنڪري پاڙيسرين جي هر معاملي جي خبر رکو، انهن کي تڪليف پهچائڻ کان بچو ۽ عملي طور تي پنهنجن پاڙيسرين جا همدرد ۽ خير خواه بڻجي وڃو، پاڙيسرين جي حقن جي بجا آوري ۽ انهن سان حُسنِ سلوڪ جو ذهن بنائڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اِسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ بہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ماحول ۾ پاڙيسرين جي حقن جي بجا آوري جو خوب خوب ذهن ڏنو ويندو آهي، لهٰذا پاڙيسرين جي حقن جي بجا آوري ۽ انهن سان حُسنِ سُلوڪ جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي 12 مدني ڪمن ۾ مشغول ٿي وڃو- 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مدرسة المدينہ بالغان" پڙهڻ پڙهائڻ بہ آهي- جنهن ۾ بالغ اسلامي ڀائرن کي درست ادائيگي سان ڪم وبيش63منٽ جي لاءِ فِي سَبِيلِ الله قرآنِ ڪريم پڙهائڻ جو سلسلو ٿيندو آهي،

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ قرآنِ ڪريم جي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ ان جي تلاوت ڪرڻ

www.dawateislami.net

جي برڪتن جي چا ڳالھ ڪجي جو صاحبِ جُود و نوال، محبوبِ رَبِّ ذُوالجلال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قرآنِ پاڪ سکڻ، ان جي ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ ۽ ان جي عجائبات ۾ غور و فڪر ڪرڻ پاڻ تي لازم ڪري وٺو، ان جي ذريعي توهان جنت ۾ (بلند) درجات ڪي حاصل ڪندو. (ڪنزالعمال،ڪتاب الاذڪار،الباب السادس في تلاوة القرآن وفضائله،١/ ٢٦٦،حديث:٢٣٦٥)

اچو! ترغيب جي لاءِ مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ جي هڪ ايمان افروز مدني بهار ٻڌو ۽ مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ جي نيت ڪريو، جيڪو دُرست قرآنِ ڪريم پڙهڻ ڄاڻن ٿا اهي ٻين کي قرآنِ ڪريم پڙهائي علمِ قرآن کي عام ڪن، جيئن

اِسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلٰی کردیا دیکھو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: منهنجا گناھ تمام گھڻا هئا جنهن ۾ مَعَاذَ الله عَزَّ وَجَلَّ V.C.R جي لِيڊ سپلائي ڪرڻ، روزانو ٻہ بلڪ ٽي ٽي فلمون ڏسڻ، وِرائٽي پروگرامز (Programmes) ۾راتيون گذاري برباد ڪندو هيس اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّ وَجَلَّ بابُ المدينہ ڪراچي جي عَلائقي نيا آباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي مسلسل اِنفِرادي ڪوشِش جي بَرَڪت سان علائقي جي مدرسة المدينہ (بالِغان) ۾ وڃڻ جي ترڪيب بڻي ۽ اهڙي طرح عاشقانِ رسول جي صُحبت ملي ۽ مان تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابَستہ ٿي مَدَني ڪمن ۾ مصروف ٿي ويس.

گنہگارو آؤ، سِیَہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي نہ صرف پنهنجي بلڪ ٻين جي اصلاح جي بہ ترغيب ڏياري ٿو، بلڪ

www.dawateislami.net

نمازي ۽ سُنَّتن جو پيڪر بہ بڻائي ٿو، ممڪن آهي تہ اِبتدا ۾ اسان تي بہ ڪنهن اِنفرادي ڪوشش ڪئي هوندي، جنهن جي ڪري اڄ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان بہ هن مدني ماحول جون برڪتون ماڻي رهيا آهيون، تنهنڪري اهڙي طرح اسان کي گهرجي تہ اسان بہ انفرادي ڪوشش جي ذريعي ٻين مسلمانن خاص ڪري پنهنجي پاڙيسرين کي نيڪي جي دعوت ڏئي انهن کي بہ نمازن جي ادائيگي، سنّتن تي عمل ڪرڻ، مدني انعامات جو رسالو ڀرڻ، راهِ خدا ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن جو مسافر بڻجڻ، مڪتبة المدينہ تان شايع ڪيل ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪرڻ ۽ سنّتن ڀري اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ وغيره جهڙن نيڪ ڪمن جو ذهن ڏيندا رهون- مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن کي گناهن ۾ مبتلا ڏسون تہ پيار و مَحَبَّت ۽ شفقت و نرمي سان روڪڻ جي ڪوشش ڪريون- پاڙيسرين کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ انهن کي گناهن کان منع ڪرڻ ڪيتري قدر اهم آهي- اچو! هڪ حديثِ مبارڪ مان ان جي اهميت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا،

هڪ ڏينهن دافِع رنج و مَلال، صاحب ِجُودو نوال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن خطبو ارشاد فرمايو ۽ مسلمانن جي ڪجهہ گروهن جي واکاڻ ڪئي، پوءِ ارشاد فرمايائون: انهن ماڻهن جو ڇا حال آهي جيڪي پنهنجي پاڙيسرين کي نہ سمجهائن ٿا نہ سيکارين ٿا ۽ نہ ئي نصيحت ڪن ٿا، نہ نيڪي جي دعوت ڏين ٿا ۽ نہ ئي بُرائي کان منع ڪن ٿا، ۽ انهن ماڻهن جو ڪهڙو حال آهي جيڪي پنهنجي پاڙيسرين کان نٿا سکن، نہ انهن کان سمجهن ٿا ۽ نہ ئي نصيحت طلب ڪن ٿا، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! گهرجي تہ هڪ قوم پنهنجي پاڙيسرين کي ضرور دِين سيکاري، سمجهائي، نصيحت ڪري ۽ نيڪي جي دعوت ڏي، اهڙي طرح ٻي قوم کي کپي تہ پنهنجي پاڙيسرين کان دِين سکي، سمجهي ۽

www.dawateislami.net

نصيحت حاصل ڪري نہ تہ جلد ئي انهن کي ان جو اَنجام سھٹو پوندو. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منبر شريف کان هيٺ تشريف کڻي آيا، تہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان (هڪ ٻي کان) پڇا ڪيائون: اوهان جي خيال ۾ رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هنن ماڻهن مان ڪهڙا ماڻهو مراد ورتا آهن؟ تہ ٻين انهن کي ٻڌايو: انهن مان مراد اَشعري قبيلي وارا آهن ڇوتہ اهي فقها جي قوم آهي ۽ انهن جا پاڙيسري جفاڪار اعرابي آهن.

جڏهن اها ڳالھ اشعرين وٽ پهتي تہ اهي خاتَمُ المُرسَلين، رَحمَةٌ لّلعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان هڪ قوم جي ڀلائي ۽ هڪ جي بُرائي جو ذِڪر فرمايو، اسان انهن مان ڪهڙن مان آهيون؟ تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايائون: کپي تہ هڪ قوم پنهنجي پاڙيسرين کي ضرور دِين سيکاري، سمجهائي، نصيحت ڪري ۽ نيڪي جي دعوت ڏي، اهڙي طرح ٻي قوم کي کپي تہ پنهنجي پاڙيسرين کان دِين سکي، سمجهي ۽ نصيحت حاصل ڪري نہ تہ جلد ئي انهن کي ان جو اَنجام سھٹو پوندو. انهن ٻيهر عرض ڪيو، يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! ڇا اسان ٻين ماڻهن کي نصيحت ڪريون؟ تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اها ئي ڳالھ دُهرائي، اُنهن ٻيهر اهو ئي عرض ڪيو، ڇا اسان ٻين کي نصيحت ڪريون. تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ها ائين ئي آهي. اُنهن وري عرض ڪيو: اسان کي هڪ سال جي مُهلت ڏيو. تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي هڪ سال جي مُهلت عطا ڪئي تہ جيئن هي ماڻهن کي دِين سيکارين ۽ نصيحت ڪن.

(مجمع الزوائد،ڪتاب العلم ،باب في تعليم من لايعلم ، ۴۰۲/۱ حديث:۷۴۸)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ پاڙيسرين کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ، انهن کان علمِ دين سکڻ، سيکارڻ، انهن کي نصيحت (Advise) ڪرڻ ۽ انهن کان نصيحت طلب ڪرڻ ڪيتري قدر اهميت رکي ٿو جو خود اسان جي آقا و موليٰ، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي زبانِ حقّ ترجمان سان ان جي ترغيب ڏياري ان کي خوب واضح ڪري ڇڏيو تہ جيئن قيامت تائين اچڻ وارا مسلمان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ان حسين تعليمات کي خوب سمجهي وٺن ۽ هن مُعاملي ۾ ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نہ ڪن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ اسان جي بزرگانِ دين تعليماتِ نَبوِي تي دل وجان سان عمل پيرا رهيا، اهو ئي سبب آهي تہ انهن حضرات جو شمار پنهنجي زماني جي ان عظيم ماڻهن ۾ ٿيندو هو جو پنهنجي پاڙيسرين جي حقن سان چڱي نموني واقف، انهن تي تمام گهڻو مهربان ۽ انهن جي آخرت جي بهتري جي لاءِ انهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جا عادي هئا. اچو! هن باري ۾ هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌو ۽ خوش ٿيو

## نيڪي جي دعوت سان متاثر ٿي پاڙيسري مسلمان ٿي ويو

شمعون نالي هڪ باهہ جو پوڄاري حضرت سيِّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو پاڙيسري هو جڏهن ان جي انتقال جو وقت آيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان وٽ تشريف وٺي ويا، ڇا ٿا ڏسن جو ان جو سڄو جسم باهہ جي دونهن جي ڪري ڪارو ٿي ويو آهي! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان کي اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي ۽ رحمتِ الٰهي جي اميد ڏياري، ان عرض ڪيو: مان ٽن شين جي ڪري اسلام کان پري آهيان: ﴿1﴾ جڏهن اسلام جي ويجهو دنيا تمام بُري شيء آهي تہ پوءِ توهان ماڻهو هن جي حصول جي

جستجو چو تا ڪيو؟ ﴿2﴾ موت ڪي يقيني تصور ڪرڻ باوجود ان جي لاءِ تياري چو نٿا ڪيو ﴿3﴾ توهان جي چوڻ مطابق ديدارِ الٰهي تمام وڏي نعمت آهي پوءِ توهان دنيا ۾ ان جي مرضي جي خلاف ڪم چو تا ڪيو؟ حضرت سيِّدُنا حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ارشاد فرمايو: انهن سيني شين جو تعلق ته اعمال سان آهي عقائد سان ناهي، تون اهو ته غور ڪر ته باهه جي پوڄا ۾ وقت ضايع ڪري تون ڪي ڇا حاصل ٿيو؟ مومن چاهي ڪهڙو به هجي گهٽ ۾ گهٽ الله عَزَّوَجَلَّ جي وَحدانِيت (يعني هڪ هجڻ) ڪي تسليم ڪندو آهي، ڏسو! توهان 70 سال تائين ان باهه ڪي پوڄيو آهي ان جي باوجود اسان ٻئي باهه ۾ ٽپو ڏيون تا ته هي اسان ٻنهي کي برابر ساڙيندي يقيناً تنهنجي عبادت ڪرڻ تو ڪي نه بچائي سگهندي، ها منهنجي مالڪ و مولىٰ عَزَّوَجَلَّ ۾ هي طاقت ضرور آهي ته جيڪڏهن اهو چاهي ته هي باهه مون کي ذري برابر به نقصان نه پهچائي سگهندي. هي فرمائي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي هٿ ۾ باهه ڪنئي پر ان سندن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي ڪو نقصان نه پهچايو، هي ڏسي شمعون گهڻو متاثر ٿيو پر اداس ٿي چوڻ لڳو: مان ستر سالن کان آتش پرستي ۾ مبتلا رهيس، هاڻي آخري وقت ۾ ڇا مسلمان ٿيان! پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان تي انفرادي ڪوشش جاري رکي، آخرڪار ان عرض ڪيو: مان انهيءَ شرط تي مسلمان ٿي سگهان ٿو اوهان مون کي هي عهد نامو لکي ڏيو ته منهنجي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي سيني گناهن جي بخشش فرمائي ڇڏيندو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان مضمون جو عهدنامو لکي ڪري ان جي حوالي ڪيو، پر چيائين: هن تي عادل ماڻهن جي گواهي به درج ڪرايو اوهان هن جو هي مطالبو به پورو ڪيو، ان کان پوءِ اهو مسلمان ٿي ويو ۽ وصيت ڪئي ته منهنجي مرڻ کان پوءِ مون کي اوهان پاڻ غسل ڏئي هي "عهد نامو" منهنجي هٿ ۾ ڏجو ته جيئن ميدانِ محشر ۾ منهنجي مؤمن هجڻ جو

www.dawateislami.net

ثبوت ٻڌجي سگهي، هي وصيت ڪرڻ کان پوءِ ان ڪلمو شهادت پڙهيو ۽ ان جو روح قَفَسِ عُنصُري مان پرواز ڪري ويو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي وصيت پوري فرمائي، انهيءَ رات پاڻ خواب ۾ ڏٺائون ته هو تمام قيمتي لباس، نقش ۽ نگار سان سينگاريل تاج پائي جنت جي سير ۾ مصروف آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڇيا ڪئي: تو تي ڇا گذريو؟ ان عرض ڪيو: ”خداعَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ مون کي اهڙن انعامن سان نوازيو جو ٻڌائي نٿو سگهان، تنهنڪري هاڻي اوهان تي ڪو بار ناهي ۽ هي ”عهد نامو“ واپس ونو ڇوته هاڻي مون کي ان جي حاجت ناهي.“ جڏهن بيدار ٿيا ته اهو عهدنامو سندن جي هٿ ۾ موجود هو، پاڻ رَحْمَةُاللهِتَعَالٰىعَلَيْه هن ڪاميابي تي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو. (تذكرة الاولياء ج 1 ص 41)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله وارن جو خوب شان اعليٰ ۽ مٿانهون هوندو آهي جو اهي نيڪي جي دعوت به ڏيندا آهن، الله عَزَّوَجَلَّ جي عنايت سان ڪرامت به ڏيکاريندا آهن ۽ ايمان جي نعمت ڏياري جنت ۾ داخلي جي صورت به ٻڌائيندا آهن، بهرحال پاڙي وارن جي فڪر رکڻ گهرجي ۽ ان کي نيڪي جي دعوت کان محروم نه ڪرڻ گهرجي، ها غير مسلم سان دوستي رکڻ جي اجازت ناهي جو هڪ عام ماڻهو هي ذهن ٻڌائي ته مان هن حيلي سان ان کي مسلمان ڪندس، البت جيڪو عالم دين ان غير مسلم جي مذهب ۽ باطل عقيدن جي رد تي قدرت رکندو هجي اهو بيشڪ شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري ان کي اسلام ۾ آڻڻ جي لاءِ پنهنجي ويجهو ڪري ۽ ان کي اسلام ڏانهن رغبت ڏياري ۽ ان جي اعتراضن جا جواب ڏئي.

## مجلس اِصلاح براءِ ڪلاڙي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول به اسان

www.dawateislami.net

ڪي اها ئي مدني سوچ فراهم ڪري ٿو تہ اسان پنهنجي پاڙيسرين بلڪ انهن سان لاڳاپيل ڪنهن بہ شيء ڪي نُقصان پهچائڻ، انهن جي جانورن ۽ پکين ڪي بہ تڪليف ڏيڻ کان بچي پنهنجي لاءِ جنت جي راهہ ڪي آسان بڻايون، اسان بہ اها مدني سوچ ماڻڻ جي لاءِ هن مدني ماحول سان هردم وابستہ رهون. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ 100 کان وڌيڪ شُعبن ۾ دين جي خدمت جو ڪم سَرانجام ڏئي رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ شُعبو "مجلس اِصْلاح براءِ ڪلاڙي"بہ قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جو بُنيادي مَقْصد راندين سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني پيغام ڪي عام ڪرڻ ۽ انهن ڪي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪندي، هن مَدَني مقصد **''مون ڪي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ''** جي مُطابِق زِندگي گُذارڻ جو مدني ذِهن ڏيڻ آهي. وقتاً فوقتاً هن شعبي سان وابستہ افراد جي گهرن، اڪيڊميز وغيره ۾ مدني درس(درسِ فيضانِ سُنّت) ۽ مدني حلقي وغيره جي ترڪيب ٿيندي آهي. هن شعبي سان لاڳاپيل دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏوگڏ مدني قافلي ۾ بہ سفر جي سعادت حاصل ڪن ٿا.

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪئي رانديگرن ۽ انهن جي گهر وارن ڪي مدني مقصد **مون ڪي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** جو ذِهن ڏيڻ جي ڪوشش جاري آهي. الله عَزَّوَجَلَّ مجلس اصلاح براءِ ڪلاڙي ڪي مزيد ترقيون نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## بيان جو خلاصو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان پاڙيسرين جي حقن جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي

❋ پاڙيسرين سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ، اڳوڻي زماني کان ئي ماڻهن جي وچ ۾ رائج آهي.

❋ پاڙيسرين سان سٺي سُلُوڪ ڪرڻ جي تعليم خود الله عَزَّ وَجَلَّ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي.

❋ پاڙيسرين جي حقن جي باري ۾ ڪيئي احاديثِ مُبارَڪ ۾ ترغيب ڏياري وئي آهي.

❋ پاڙيسرين جي طرفان جيڪڏهن ڪا تڪليف پهچي تہ اسان کي صبر جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

❋ جيڪڏهن اسان جو پاڙيسري ڪنهن آزمائش ۾ مبتلا هجي تہ اسان کي فوراً ان جي حاجت روائي ڪرڻ گهرجي.

❋ پاڙيسري سان سٺو سلوڪ ڪرڻ وارا الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن تي عمل ڪرڻ وارا آهن.

❋ پاڙيسري سان چڱوورتاء ڪرڻ وارا بزرگانِ دين جي سيرت تي هلڻ وارا آهن.

❋ پاڙيسري جي طرفان ملڻ واري تڪليف تي صبر ڪرڻ وارا الله عَزَّ وَجَلَّ جا محبوب آهن.

❋ پاڙيسري سان چڱو سلوڪ ڪرڻ وارن تي الله عَزَّوَجَلَّ مهربان ٿيندو آهي.

❋ پاڙيسري سان بُرو سُلُوڪ ڪرڻ وارا الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نافرماني ڪرڻ وارا آهن.

www.dawateislami.net

❄ پاڙيسري سان بُرو سُلُوڪ ڪرڻ وارو جنت ۾ داخلي کان محروم ڪيو ويندو.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پاڙيسرين جا حق ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو رنج ۽ تڪليف پهچائڻ کان محفوظ فرمائي.

اٰمين بِجاهِ النَّبِی الْاَمين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سينه تِری سُنَّت کا مدينه بنے آقا جنّت ميں پڑوسی مُجھے تُم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ننھ ڏيڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو!شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيه جي رسالي "101مدني گل" مان ننھ ڏيڻ جون چند سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

ڀهريان ۾ فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ ٿين: ❁ الله عَزَّوَجَلَّ کي ننھ

1… مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

پسند آهي ۽ اوباسي ناپسند.⁽¹⁾ ❁ جڏهن ڪنهن کي نڇ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوي ته ملائڪ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ چوندو آهي ته ملائڪ چوندا آهن: اللهعَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي.⁽²⁾ ❁ نڇ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو، نِڇ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي.⁽³⁾ ❁ نِڇ اچڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوڻ گهرجي. (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان نڇ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤڪده لکيو آهي) بهتر اهو آهي ته اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي ❁ ٻڌڻ واري تي واجب آهي ته فورًا يَرْحَمُكَ الله (يعني اللهعَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو نڇ ڏيڻ وارو پاڻ ٻڌي.⁽⁴⁾ ❁ جواب ٻڌي نڇ ڏيڻ وارو چوي: "يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَكُمْ" (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: "يَهْدِيْكُمُ اللهُ وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ" (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري)⁽⁵⁾ ❁ جيڪو نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو.⁽⁶⁾ ❁ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: جيڪو نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي ته اُهو ڏاڙ ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن به مبتلا نه ٿيندو.⁽⁷⁾ ﴿9﴾ نڇ ڏيڻ واري کي گهرجي ته ڏاڍيان حمد ڪري ته جيئن ڪو ٻڌي ۽ جواب ڏي. (ردالمحتار ج 9 ص 684) ﴿10﴾ نڇ جو جواب هڪ دفعو

[1] ... بخاری،۴/۱۶۳،حدیث:۶۲۲۶
[2] ... معجم کبیر،۱۱/۳۵۸،حدیث:۱۲۲۸۴
[3] ... رَدُّالْمُحتار،۹/۶۸۴
[4] ... بہارِشریعت،حصّہ۱۶،/۱۱۹
[5] ... فتاویٰ ہندیة،۵/۳۲۶
[6] ... مرآة المناجیح،۶/۳۹۶
[7] ... مرقاة المفاتیح، ۸/ ۴۹۹،تحت الحدیث:۴۷۳۹

www.dawateislami.net

واجب آهي، پيو پيرو نڇ اڇي ۽ اُهو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوي تہ پيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي. (عالمگيري ج 5 ص 326) ﴿11﴾ جواب اُن صورت ۾ واجب ٿيندو جڏهن نڇ ڏيڻ وارو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوي ۽ جيڪڏهن حمد نہ ڪري تہ جواب ناهي. (بهار شريعت، جلد 3 ص 477) ﴿12﴾ خطبي جي وقت ڪنهن کي نڇ اچي تہ ٻڌڻ وارو اُن جو جواب نہ ڏي. (فتاوي قاضي خان ج 2 ص 377) ﴿13﴾ ڪيئي اسلامي ڀائر موجود هجن تہ ڪجهہ حاضرين جواب ڏنو تہ سڀني جي پاران جواب ٿي ويو پر بهتر اهو آهي تہ سڀئي جواب ڏين. (ردالمحتار، ج 9 ص 684) ﴿14﴾ ديوار جي پٺيان ڪنهن کي نڇ آئي ۽ اُن اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چيو تہ ٻڌڻ وارو اُن جو جواب ڏي. (ايضًا) ﴿15﴾ نماز ۾ نڇ اچي تہ سڪوت ڪري (يعني خاموش رهي) ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چيائين تہ بہ نماز ۾ حرج ناهي ۽ جيڪڏهن اُن وقت حمد نہ ڪيائين تہ فارغ ٿي ڪري. (عالمگيري، ج 1 ص 98) ﴿16﴾ توهان نماز پڙهي رهيا آهيو ۽ ڪنهن کي نڇ آئي ۽ توهان جواب جي نيّت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چيو تہ توهان جي نماز ٽٽي ويندي. (ايضاً) ﴿17﴾ ڪافر کي نڇ آئي ۽ اُن اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چيو تہ جواب ۾ يَهْدِيْكَ اللّٰهِ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ تو کي هدايت ڏي) چيو وڃي. (رد المحتار ج 9 ص 684)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

تری سُنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر چلے تو گلے لگانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

### (6) دُرُود شَفَاعت

---

[1]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰي عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو چڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1… الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

2… مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net